# ١٠. سُٺا ٻار

ٻُڌو. ڳايو، سمجھوءِ عمل ۾ آڻيو.





سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون،
ھردم آگياڪار ٻڻون.

ھردم سچ جي ٻولي ٻوليون،
سيوا، تياڳ جون پايون چوليون،
گُڏگراھي گُلزار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.

عيبن کان مُنھن موڙيون ھردم،
سِک جو ناتو جوڙيون ھردم،
جيون جو سينگار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.

وير مان ڪجھ پِي ورڻو ناھي،
ٻَل ٻَڌيءَ ۾ 'گھايل' آھي،
وڏڙن جو آڌار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.



**نوان لفظ :**

هردم - سدائين
آڳياڪار - چيو مڃيندڙ
تياڳُ - قرباني
ڳٽڳِراهي - ڳُڻ ڳرهڻ ڪندڙ

گُلزار - گلن جو باغ
عيب - بُرائي
مُنهن موڙڻ - پاسو ڪرڻ

ٻَل - طاقت
ٻَڌي - ايڪتا
آڌارُ - سَهارو

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) شاعر هردم ڇا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
۲) شاعر ڇا کان منهن موڙڻ لاءِ چوي ٿو؟
۳) جيون جو سينگار ڪيئن ٺهجي سگهبو؟
۴) ٻَلُ ڇا ۾ آهي؟
۵) شاعر هن ڪوتا ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

**سوال ۲ : هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ بيت جون سٽون ڳولهيو :-**

| جُملو | بيت جي سٽ |
|---|---|
| **مثال :** اَسانکي براين کان پري رهڻ گهرجي. | عيبن کان منهن موڙيون هردم. |
| ۱) دشمنيءَ مان ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو. | |
| ۲) سڀني سان پيار ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. | |
| ۳) ٻين جون سٺيون ڳالهيون ڪٺڻ گهرجن. | |
| ۴) ايڪتا ۾ ئي شڪتي آهي. | |
| ۵) هميشه سچ ڳالهائڻ گهرجي. | |

**سوال ۳ : ’س‘ اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ لکو.** (۱) .................... (۲) ...................... (۳) ............................

**سوال ۴ : بيت ۾ ڏنل بہ هم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.** (۱) ...............X............... (۳) ...........X...............

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت لئہ تال سان ٻڌائي، اُنهن کان چوائيندو.
**مشغولي :** ماستر شاگردن کي چوندو تہ ’ڳُڻوان ٻالڪ‘ وشيہ تي ڏهہ سِٽون گهران لکِي اَچو.

## پورڪ اَڀياس

۱. ڏنل مثال موجب چوکنڊا ڀريو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سچائي | سچو | تياڳ | ........ | آڳيا | ........ |
| ........ | ايماندار | ........ | سيوڪ | ........ | سُٺو |

۲. هيٺ ڏنل لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهيو :

سُٺا، سيوا، ٻلُ، سچ